



© Voice of sindh

# ٻه اکر

هن کان اڳ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان پياري ياءُ منير سولنگيءَ جا ترجما ڇاپيا ويا آهي. هيءُ سندس شاعري جو مجموعو "تنهنجو اوسيئڙو اجان" سنڌي ادبي سنگت شاخ پير جو ڳوٺ ضلع خيرپور جي ڳڌيل تعاون سان آندو پيو وڃي.

شابس آهي سنڌي ادبي سنگت شاخ جي جاکوڙي سيڪريٽري ۽ ڪارڪنن کي جنن پنهنجي شاخ جي سينئر ميمبر ۽ جاکوڙي ليکڪ جي هن پورهيي کي ضايع ٿيڻ کان بچائي ورتو.

منير سولنگي، سنڌي ادب ۾ پنهنجو مقام جوڙيو آهي ۽ ان جي قلم جو پورهيو اجان جاري آهي، شال هو سدائين لکندو رهي ۽ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي آبياري ڪندو رهي.

نياز سنائي
حيدرآباد، سنڌ
جولاءِ 2004ع

# پنهنجي پاران

عمر خيام جي هڪ رباعي آهي تہ:

اين قافلہ ــ عمر مي گزرد
درياب دمي کہ باطرب مي گزرد
ساقي غم ــ فردائي حريفان چہ خوري
پيش آر پيالہ کہ شب مي گزرد.

(هي عمر جو قافلو عجب نموني سان اڳتي وڌي رهيو آهي. اوساقي! مخالفن جي بئي ڏينهن جو الڪو ڇو ٿو ڪرين، تون مونکي شراب جو پيالو پري ڏي جو رات وهامي رهي آهي.)

هي منهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب آهي. مان تمام ٿوري شاعريءَ ڪئي آهي، مان عمر جي آخري پهرن ۾ اچي پهتو آهيان. منهنجي شاعريءَ جو ڪتاب گهڻو وقت اڳ ڇونہ ڇپيو، انهيءَ جو اهو سبب آهي تہ مان اڄان تائين جيون جي جياپي جي لاءِ وقت سان جنگ لڙي رهيو آهيان ۽ سوپارو ڪين ٿي سگهيو آهيان. ڪنهن گمنام شاعر ڇيو آهي تہ:

روز جيئڻو ٿو پوي ۽ روز مرڻو ٿو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري ڇا ڇا ڪرڻو نہ ٿو پوي.

جس آهي ادبي سنگت پير جو ڳوٺ جي سيڪريٽري محترم شڪيل ملڪ صاحب کي ۽ سابق سيڪريٽري محترم عميق مهر کي جن ڪتاب ڇپرائڻ جو بار سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان کنيو ۽ س. ا س پير جو

ڳوٺ جي ميمبرن ۽ ٻين دوستن جي تعاون سان ڪتاب جي اشاعت کي يقيني بڻايو. هن وقت مان نظم بجاءِ نثر ۾ تيزي سان چو ٿو لکان، انهيءَ ڪري ته مونکي اها پڪ ڪونه آهي ته مان اڃ مرڻو ناهيان، ڇوته مونکي يقين آهي ته مونکي مرڻو ضرور آهي. تنهن ڪري جيون جا پل جن کي موت مهلت ڏيندو رهي ٿو اهي بيڪار نه وڃايان.

پڻائي چواڻي ته:

جيتر هئي جيئري ورچي نه ويٺي،
وڃي پونءِ بيٺي ، ساري کي سڄڻين.

مان محبت پائي من ۾ رندا روڙيا آهن. منهنجو ڪلام ڪيترو معياري آهي ۽ انساني زندگيءَ جي اُمنگن، جذبن ۽ اُدمن سان ڪيترو لاڳاپيل آهي ۽ هن سنڌ امڙ سان ڪيترو واڳيل آهي، جنهن تي منهنجا پير پختا بيٺل آهن ۽ جنهن جي مهابي مونکي سڃاڻپ ملي آهي. اهو فيصلو اوهان تي ڇڏيون ٿو. جيئن ته هڪ نقاد هجڻ جو حوالو به مونسان منسوب ڪيو وڃي ٿو ته " جيڪڏهن ڪو نقاد منهنجي شاعري تي ويهي نقاد ڪندو ته اهو آخري نه هوندو چو ته اها ڳالهه مشاهدي هيٺ آيل آهي ته ڪنهن نقاد، ڪنهن تخليقڪار جي ا تخليق تي تنقيدي نظر وجهي ان تخليق جي اهميت کي رد ڪيو آهي ته وقت گذرڻ سان تخليقڪار جي اها تخليق اڳتي هلي مقبوليت ۽ اهميت ماڻي چڪي آهي ۽ وري جنهن تخليق کي تمام معياري قرار ڏنو ويو آهي ته اها تّخليق اڳتي هلي غير معياري به ثابت ٿي آهي.

تنهن ڪري ڪنهن به نقاد جو فيصلو حتمي نه هوندو آهي. البت ايترو آهي ته هڪ سٺو نقاد فنڪار جي فن جي لڪل رخن کي نروار ڪري ڪتاب جي مقبوليت ۽ مشهوريءَ ۾ معاون ثابت ٿئي ٿو.”من آنم ڪ من دانم ‘‘مان ڇا آهيان، اهو مان ئي ڄاڻان ٿو بقول عبدالقادر بيدل دهلوي ته

زسير ـ عالم دل غافليم ورنہ حباب
سري اگر بربيان فروبره در رياست

انسان دل جي دنيا جو سير ناهي ڪيو نہ تہ پاڻيءَ جو فوٽو پنهنجي اندر جهاتي پائي ڏسي تہ هڪ وڏو ساگر آهي، انسان جي اهميت سندس اندر ۾ آهي ۽ ساڳئي وقت خوبصورتي بہ انسان جي وجود ۾ آهي. مان مٽي چئي آيو آهيان مون هي پورهيو ٽورو ئي سهي من ۾ محبت پائي ڪيو آهي. محبت جي لاءِ پروين شاڪر ڪهڙو تہ سهڻو لکيو آهي تہ ”محبت جڏهن جسم ۽ جان جي گهرج کان جدا ٿي ڪجي تہ اها الهام بڻجي وڃي ٿي. حسن وري جڏهن لطافت جي آخري حدن کي ڇُهي ٿو تہ اهو خوشبوءَ بڻجي وڃي ٿو. خوشبوءَ حُسن جي پورنتا آهي“. جنهن بہ شاعر ۽ فنڪار خوشبو جي انهيءَ لطافت کي ۽ محبت جي الهام کي چڱي طرح پرکيو آهي اهوئي منهنجي شاعري جي چنڊچاڻ بهتر نموني سان ڪري سگهندو.

پروين شاڪر جي هن شعر مطابق تہ:

مر بهي جاؤن تو ڪهان، لوگ مجهي بهلا هي دين گي،
لفظ ميري، ميري هوني کي گواهي دين گي.

بريخت جو چوڻ آهي تہ، ”پنهنجي وجڻ کان اڳ انهيءَ ڳالھ جي پڪ ڪريو تہ توهان کي جيڪا دنيا ملي آهي تہ ان کي وڌيڪ خوبصورت بنائي پوءِ ان کي ڇڏيو.“

آخر ۾ مان انهن سيني مهربانن، دوستن ۽ ساٿين جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي همت افزائي سان گڏ عزت افزائي بہ ڪئي ۽ اڃا بہ وڌيڪ تيزيءَ سان لکڻ جو اتساهہ بخشيو آهي.

وڌيڪ مان پنهنجي دوست ناز سنائيءَ جو بہ شڪر گذار آهيان، جنهن ڪتاب کي سنگت آڏو آڻي محبت ۽ دوستي جو حق ادا ڪيو.

**منير سولنگي**
ڪائونسلر سنڌي ادبي سنگت يونٽ پير جو ڳوٺ
سالار محلو پير جو ڳوٺ، تعلقو ڪنگري، خيرپور ميرس

# غزل

محبت جي اسيرن کي پلا ڪهڙي خبر سائين،
ته ڪهڙي وقت ڪڙيو چنڊ ڪڏهن ٿي سحر سائين.

اها شوخي، اهو انداز ساڳي چال آ تنهنجي،
ڪرم ڏي چو نه ٿي مائل اجا تنهنجي نظر سائين.

خدا تنهنجي جوانيءَ کي ڪري شل درد کان واقف،
يقين آهي نه ويندي آه منهنجي بي اثر سائين.

سدا آباد رهه ۽ شاد، منهنجا ياڳ ڪهڙا پيي،
ڏکن ۾ يا سکن ۾ زندگي ٿئي ٿي بسر سائين.

اگر روئداد، الفت مون سڻائي انتها ڪئي آ،
مگر دامن تي هاريندس اجا، خون جگر سائين.

”منير اڄ اوچتو ان جي تصور ۾ روئي ويٺس،
پرين جي ياد ۾ اپريا وري اڌما سَجَر سائين.

تــــو لاءِ پــــرين ويهـــي مــــون پــــور پچايــــا هـــا،
تــون ســات اچــي ڏينــدين ســـ ي وهــم اجايــا هــا.

آخــر تـــ چـري دل آ، جـو تنهنجـي مٿـان هرڪــي،
برســـات اُئـــي غـــم جـــي، تـــ بـــ نـــيڻ اجاياهـــا.

معــراج ڏســي ڪـــوئي هـــا، منهنجـــي مســـرت جـــو،
جـنهن وقــت پـرينءِ منهنجــي گهـر پيـر گهمايـا هــا.

جـــذبن جـــي گلســـتان ۾، هـــڪ وار نهـــار آئـــي،
ســـيني تـــي پٽــا جــــڌهن تـــو نانـــگ نمايــا هـــا.

آبـــاد رهـــي ســـاقي، شـــل تنهنجـــو هـــي ميخـــانو،
ڪــڏهن تــ اســان پـي هــت، ڪجـهـ جـام لٽايـا هـا.

تــڙپيس ۽ رنــس لـيـڪن هــن خونــ مٿـي پنهنجـي،
پٿـــر جـــي خـــدا آڏو ســـجدا مـــون گنوايـــا هـــا.

هـــر وقـــت مٿـــا مانـــدو، توڪـــاڻ "منيـــر" آهـــي،
تـو جـنهن ڪـي صـنم جلـون جـا چنـڊ چمايـا هـا.

غم جو فسانو ٻڌائڻ تو گهران،
رنگ محفل مچائڻ تو گهران.

باغ الفت جو لڳائڻ تو گهران،
هن ستمگر کي مڃائڻ تو گهران.

بيوفا ۾ وصل جي آهي اميد،
محل واريءَ جو اڏائڻ تو گهران.

تون پرين هڪ وار اچ منهنجي تڏي،
روح رستي ۾ وڇائڻ تو گهران.

دل ۾ حسرت ۽ لبن تي مرڪ آهه،
مينهن اکڙين مان وسائڻ تو گهران.

مئڪدي جو در کليو آ دوستو،
بخت پنهنجو آزمائڻ تو گهران.

ڇا ٿيو جي زمانو برخلاف،
اک زماني سان ملائڻ تو گهران.

مان خوشي مان اچ تہ مقتل ۾ وڃي،
زندگيءَ جو داءُ لڳائڻ تو گهران.

پيار جون ڳالهيون ڪري توسان "منير"،
رات هي ڪاري ڪٽائڻ تو گهران.

پاڻ کي آشڪار ڪرڻو پيو،
هي سمو سازگار ڪرڻو پيو.

پل رسن هي شباب تي مڪڙيون،
گلستان ۾ بهار ڪرڻو پيو.

خون دل جو وهائي همت سان،
عزم کي پائدار ڪرڻو پيو.

دوستن جي عجيب حالت تي،
پيڙهن تار تار ڪرڻو پيو.

راهبر راهزن ٿيو ليڪن،
پروسو بار بار ڪرڻو پيو.

هڪ نئين انقلاب سان هيڪر،
هي وطن پر وقار ڪرڻو پيو.

بخت پنهنجو "منير" ڏسڻو آهه،
دار جو انتظار جي ڪرڻو پيو.

جـــي وجــــڻ وارا هئـــا، دامـــن چـــڏائي ويـــا هليـــا،
غـــم الـــم ۽ ســـوز جـــا آڙاهه مچـــائي ويـــا هليـــا.

پـــل رهـــي زنـــده ســـدائين نـــام تـــن جـــو دوســـتو،
مـوت کـي هـڪ رانـد سـمجهي سـر ڪٽـائي هليـا ويـا.

جـن جـي الفـت جـي ضـيا سـان دل جـا روشـن هـا چـراغ،
اجنبـــي بڻجـــي رّخ، تابـــان لڪـــائي ويـــا هليـــا.

رات جـــا راهـــي آخـــر تـــہ وينـــدا ئـــي رهيـــا،
وينــدي وينــدي درد جــي چهنــدي چڪـائي ويـا هليـا.

جـن جـو مـذهب هـو محبـت، سـي محبـت جـا امـين،
گيـــت الفـــت جـــا هـــزارن کـــي پـــڏائي ويـــا هليـــا.

مـون تـِـي چـاتو تــہ هيـئن بيـداد گُـر ٿينـدا ”منيـر“،
حســـرتن جـــي ڪنـــوار کـــي بيـــوهه بنـــائي ويـــا هليـــا.

اسان کي آزمائي ڏس، اسين الفت شعار آهيون،
زمانو شاهدي ڏيندو ته، ڏاڍا قربدار آهيون.

متاع ـــ زندگي ويو خرچ ٿي بت پرستيءَ ۾،
صنم آڏو جهڪائيندا جبين کي بار بار آهيون.

گر توکي سونهن جو سردار ڪوٺين ٿا بجا آهي،
مگر دنياءِ الفت ۾ اسين ڀي نامدار آهيون.

اڱڻ تي چنڊ چوڏس اچ، اچي ڪر جلوه آرائي،
تڪيون ٿا راهه تنهنجيءَ کي سراپا انتظار آهيون.

نگاهن سان پياسن کي پياري ڇڏ ثواب آهي،
فقط هڪڙي نظر ساقي، پراڻا ميگسار آهيون.

”منير“ آهين تڏهن تنهنجي جفا سر تي سٺي اٿئون،
ستمگر ڏس اچي تنهنجي ستم جو يادگار آهيون.

هو پنهنجو دلربا جان — غزل جانِ جهان آهي،
هزارن ۾ فقط هڪڙو پرين چونديو اسان آهي.

گلستان ۾ بهار آئي ۽ هر مکڙي ٽڙي گل ٿي،
رکي مون شوق گلبوسي ۾ ڪندن تي زبان آهي.

جگر جا داغ چمڪن جڻ ستارا ٽمٽمائن ٿا،
بنايو آسمان هيٺان نئون مون آسمان آهي.

اداس اکڙيون لڙل چهرا اچن ميڪش ٿا سڀ ٽڙندا،
مٽايو انداز اڄ وري پير — معان آهي

زمانو منهنجي لئه جيڪي به سوچي پل وڃي سوچي،
زمانو ڇا بگاڙيندو سڄڻ جي مهربان آهي.

اوهان جي هجر جي لذت ۽ شدت جو قسم ڏولڻ،
”منير“ اڄ هي غزل جوڙيو ، جگر جي خون سان آهي.

ڪو تہ راڙو ٿي ڏکن جي ڏيهہ ڪي ڏوري ڏسي،
ڪو تہ ساهڙ ٿي محبت جو سڳو سوري ڏسي.

هر ڳلي گرنار آ، هر جا ڏياج آهن سوين،
پنهنجا سر ڏيندا اچي پر چنگ ڪو چوري ڏسي.

اڄ بہ سوري ٿي سڏي هت منهن ڏين منصور ڪي،
ڏاڍ ۽ بيداد جا راڪاس ڪو جهوري ڏسي.

منهنجو من ٿيو نينهن نگري ڪاڪ ڪنڌي ڪين آ،
ڪو اچي مومل مٿو پل حال دل اوري ڏسي.

تنهنجو آهيان تنهنجو رهندس تنهنجو ٿا ڪوٺين ”منير“.
مون جيان تنهنجي مٿان پيو جان ڪو گهوري ڏسي.

رسم و راه دلبري ۾ انقلاب آيو تہ آه،
منهنجي سامهون دلربا اڄ بي نقاب آيو تہ آه.

آخري حسرت هئي ۽ آخري پيغام هو،
نامبر ظالم وٽان ٿي لاجواب آيو تہ آه.

درد جو ٿو چنڊ چمڪي هجر جي هر رات ۾،
ياد هو جانِ بهاران بي حساب آيو تہ آه.

رنگ محفل ۾ متو ۽ جام سڀ جرڪي پيا،
بزم جانان تي وري هيڪر شباب آيو تہ آه.

مون ٿي چاتو تہ هيئن بيداد گر ٿيندين ”منير“،
بارها تنهنجي جدائي جو عذاب آيو تہ آه.

جستجو ئي قرار اڄ پي آهه،
منهنجي دل داغدار اڄ پي آهه.

بيڪسي رازدار اڄ پي آهه،
بخت ناسازگار اڄ پي آهه.

سنگدل آب آب ٿي هيڪر.
تو مٿان دل نثار اڄ پي آهه.

ظلم جي هن عجيب واديءَ ۾،
حسن جو اقتدار اڄ پي آهه.

تو وٽان جا ايندي رهي سائين،
هير سا مشڪباز اڄ پي آهه.

بيوفا سان ٿهي ته وڃجي پر،
غير سان همڪنار اڄ پي آهه.

چند ڪان وڌ حسين آهين تون،
چند هو داغدار اڄ پي آهه.

تنهنجي غم ۾ ”منير“ جو دامن،
اي پرين تار تار اڄ پي آهه.

تون ۽ مان آدم جا ٻچڙا،
پوءِ ٻه هماليه جيڏا ويچا.

هڪڙي جندڙي درد هزارين،
ساگر وانگر گهرا گهرا.

درد جا حملا ڪير قبولي،
هلڪا هلڪا ڳورا ڳورا.

واه ترقي انسان تنهنجي،
ايتم بڙچيون، تير ۽ ڀالا.

هاءِ چڪورا چند نه پهتين،
ماڻهو توکان اڳ ۾ پهتا.

ڪين ڪي ڪچيو، چپ ۾ رهبو،
ديس تنهنجي ۾ سوچ تي پهرا.

مون قاتل اڳيان آهي گردن جهڪائڻ وڏي ڳالهه آهي،
اجل سان وري اچ اٿم اک ملائڻ وڏي ڳالهه آهي.

ڪڏهن ڪين ڪاغذ جي گن مان ڪا سرهاڻ ڪنهن کي ملي ٿي،
اچوڪن حسينن مان ڳولڻ سچائي وڏي ڳالهه آهي.

اي محبوب منڙا اسان جي حياتي ڏکن ۾ ٿي گذري“
زمانو اوهانجو اوهانجي خدائي وڏي ڳالهه آهي.

اوهين سهڻا آهيو اوهان سان پلا ڪير سينو ٿو ساهي،
ڪرم جون نگاهون ڪٿو ٿا اهائي وڏي ڳالهه آهي.

جهان ۾ هزارين حسين تر مهاندن تي پلجي وجون ٿا،
ڏسڻ جا پلا پر اندر ۾ پيائي وڏي ڳالهه آهي.

اگر تنهنجي نيڻن منجهان مون بنا ليکي ساغر لٽايا.
”منير“ آهي ليکن اجا دل اجاٽي وڏي ڳالهه آهي.

دل لٽيندڙ قرار ڏيندو هل،
يا گهڻو انتظار ڏيندو هل.

مون کي توسان پيار ڪرڻو آ،
سور صدما هزار ڏيندو هل.

منهنجي دل جي اجڙ گلستان کي،
بوند برڪا بهار ڏيندو هل.

حسن جي دلفريب وادي ۾،
عشق کي تون وقار ڏيندو هل.

ڪنهن جي زلفن جي ڇانو ۾ ويهي،
زندگي کي نکار ڏيندو هل.

غم غلط ڪر ”منير“ جو سائين،
مئي جي ساغر پہ چار ڏيندو هل.

چنڊ ٿڪل ۾ گهايل رات،
توکي ساريم ٿي پريات.

منهنجو جيون سڏڪا سڏڪا،
تنهنجو جوڀن ڏاتر ذات.

مون تي وجه تون نينهن نهار،
ڦٿڪن منهنجا ٿا جذبات.

دل جو درپن حاضر آهي،
مون وٽ ناهي ٻي سوغات.

تنهنجا چڀڪن دل ۾ هر هر،
نيڻ ننڊاڪا قهري ڪات.

اڄ پي ”منير“ کي ڍولڻ سائين،
پل پل آهي تنهنجي تات.

تنهنجـــي پيـــار جـــي خوشـــبو پيـــارا منهنجـــي ســـاه ســـيباڻي آ،
تنهنجـــــي يـــــاد جـــــي ويـــــرانن ۾ كـــــاري رات وهـــــاڻي آ.

دل منهنجـي پـار تـہ نـاهي، جـو كـنهن ٿـول تـي ريجهـي ڀولـڻ،
تـــوبن هرگـــز كـــين ٿـــي ســـرچي ڏاڍي يـــار ايـــاڻي آ.

داو لڳـائي دل جـا هـر كـو، پـر نـہ ملـي ٿـو مـن جـو ماڻـك،
پـاپي هـن سنسـار ۾ كـنهن كـنهن مـن جـي مومـل مـاڻي آ.

تنهنجـي سـر جـي سـامهون سـاجن سـجدا مـون سـو وار كيـا،
تنهنجـــي آڏو كنـــڌ جهكـــائڻ، منهنجـــي ريـــت پراڻـــي آ.

چنـــڊ كئـــي چانـــداڻ جهكـــي ۽ تـــارن ڦٽكـــي ســـاه ڏنـــو،
صـــحرا ۾ كـــنهن ديـــواني جـــي جيـــون جـــوت اجهـــاڻي آ.

رڳ رڳ مـــان ويـــراڳ وســـايم چـــارڻ بڻجـــي صـــبح ۽ شـــام،
اڄ بـــہ ”منيـــر“ جـــي هســـتي ســـور ســـوا كـــا تنـــد نـــہ تـــاڻي آ.

روءِ تابان ڏسي، زلف پريشان ڏسي،
دل رُني ايمان ويو بس! حسن ـــ جانان کي ڏسي.

هو بہ ساقيءَ جي نگاهن مان چڪي چاڙهي ويو.
شور محفل ۾ متو زاهد جي ايمان کي ڏسي.

دلربا هر شيءِ وساري تنهنجو غم رکيم، عزيز،
وهم سڀ ڪافور ٿيا هن دل جي مهمان کي ڏسي.

ننڊ نيڻن مان رٺي، چڻ ڪا اڏاڻي عرش ڪونج،
ياد تنهنجي ڍول آئي ابر ـــ باران کي ڏسي.

باغبان مونکي گلن بدران ڏنا ڪندا "منير"،
هر ڪلي مشڪڻ لڳي پر خار دامان کي ڏسي.

ڏينهن ڍولڻ تو وڃي لاتا گهڻا،
ٿا ستائين دل کي انديشا گهڻا.

اڄ سگهو ساڄن تہ ٿئي پهرين شوال،
مون رکيا رمضان جا روزا گهڻا.

کيترائي عشق کان عاري ڏٺم.
هر قدم تي کاغذي چهرا گهڻا.

پنکڙيون هيري سندو کاٽن جگر،
کن پڻي پٿر کي ٿا شيشا گهڻا.

ٿي وهايم ياد تنهنجي ۾ سڄڻ،
رات جي هن سانت ۾ ڳوڙها گهڻا.

حال دل توکي ٻڌائي ڇا ”منير“،
تنهنجي محفل ۾ ڏٺم ويڇا گهڻا.

واٽ ويندي وٽي ويو ڪو ئي.
چين دل جو ڪٽي ويو ڪوئي.

روڙيا آسمان مان تارا،
هام ڪيڏي هٽي ويو ڪوئي.

با وفا هو يا بي وفا ليڪن،
من جو موتي ٻٽي ويو ڪوئي،

توکي ڊولڻ گهڙي گهڙي ساري،
پيلي پن جيان ڇني ويو ڪوئي.

دل جا جذبا ”منير“ جرڪائي،
منهنجي دل جو ڏٽي ويو ڪوئي.

جلوون جي خدائيءَ ۾ رنگ رچي ويندو،
محفل ۾ جڏهن سهڻو هڪ وار اچي ويندو.

سڪ لاهه اچي ساجن، جو روح اجو آهي،
هڪ مرڪ سنڌءِ سان هي بيمار بچي ويندو.

ساقيءِ جي سخاوت جي هٿ هاڪ ٻڌي يارو،
مينوش مڙيا آهن، هڪ شور مچي ويندو.

جنهن وقت پرين مونکي نيڻن ۾ لڪائيندو،
دشمن تہ سڙي ڪامي، پچري ۾ پچي ويندو.

محبوب مٿان هر دم، مشتاق ”منير“ آهي،
مقتل ۾ ڪلي ويندو، ڀهڪي ۾ نچي ويندو.

ڪي ڪي ماڻهو ويندا آهن، منهن ڪي موڙي ويندا آهن،
مور نه چِت تي چڙهندا آهن، ناتو ٽوڙي ويندا آهن.

ڪي ڪي ماڻهو عيسىٰ بڻجي، مُرده دليون روز جيارين،
مِهَر محبت وارا خيما، جڳ ۾ کوڙي ويندا آهن.

ڪي، ڪي ماڻهو ماڪي، مصري، سورج ڪان وڌ روشن روشن،
هر ڪنهن جي دل اندر يارو، جابون جوڙي ويندا آهن.

ڪي، ڪي ماڻهو رُج جا راهي، سسئيءَ وانگي پنڌ پچائي،
من جي مقصد ماڻڻ خاطر، بَرتَرَ ووڙي ويندا آهن.

ڪي ڪي ماڻهو رڄ وراڪا، سون سريڪا، پيار جا پياسا،
رانجهو واريءَ رَمز سان سائين زهر نچوڙي ويندا آهن.

ڪي ڪي ماڻهو يار ”منير“، ٽيندا آهن ساهه سڌير،
سچ مٿان سر گهورڻ خاطر پاڻ پتوڙي ويندا آهن.

چا ٻڌو ٿا چا چئو ٿا دوستو،
ديس کهڙي ۾ رهو ٿا دوستو.

منهنجي هن احساس کي زخمي ڪري،
چو وري مرهم رکو ٿا دوستو.

وقت جي ڪوڙن خدائن پوئتان،
نفس ٻوڙي ڪڍي لڳو ٿا دوستو.

حال مسڪيني سندو منهنجو ڏسي،
اجنبي بڻجي وڃو ٿا دوستو.

باه نفرت جي وسائڻ واسطي،
چو نه بادل ٿي وسو ٿا دوستو.

حال دل پنهنجو ٻڌائي چا ”منير“،
دور تنهنکان چو رهو ٿا دوستو.

درد وڏايو کهڙو رشتو،
پرزا پرزا دل جو شيشو.

رات گذاريم سڏڪي سڏڪي،
دور وجي هو ساجن نڪتو.

ٽانڊاٽي جان ٽمڪي ٽمڪي،
ماڳ تي آخر پهچي وڃبو.

ڪوڙ جي منهن ۾ چائي اپلي،
سقراط وٽو وه جو پيتو.

نيث تہ ويندو جهڙ بہ اڏامي،
نيث تہ ڏسبو سج جو چهرو.

بک بيماري ڏاج آ منهنجو،
گولي ٽڙڪو، بم جو ڌڌڪو.

چپ ۾ رهہ تون يار ”منير“،
تنهنجي ديس ۾ سوچ تي پهرو.

جيون هڪڙو جهٽڪو ڊولڻ،
پن چڻ جو چڻ ڪڙڪو ڊولڻ.

درد جو دارون ڪو نہ ڏسي ڪو،
سو سلي ٿو هر ڪو ڊولڻ.

جرڪاءِ اڇي جيون منهنجو،
توبن ڪير آ ڏس ڪو ڊولڻ.

ڌرتي تي آ دونهون چانيل،
هر جا ڪوڙ جو ڪڙڪو ڊولڻ.

آس اندر ۾ ڦٿڪي هر دم،
اُڌمن ڪاڏو پڙڪو ڊولڻ.

تـــون جـــو آئـــين ســـامهون ســـپرين ڏولارا ســـپ اڏري ويـــا،
رم جهـم چـڻ ڪـي بـادل برسـيا رنـگ خوشـي جـا نڪـري ويـا.

تنهنجـــي ڪـــارڻ شـــاعر بڻجـــي جـــذبن ڪـــي مـــون جرڪـــايو،
تنهجـــي مشـــڪـڻ ســـاڻ پيـــارا گونـــدر ســـارا گـــذري ويـــا.

ســـون ســـريکو مکـــڙو تنهنجـــو روز چمـــيم تـــي خـــوابن ۾،
تـون جـو ملـي وئـين سـاييان سـاجن سـپنا سـارا وسـري ويـا.

تنهنجـــي چاهـــت، تنهنجـــي چنتـــا تـــن مـــن منهنجـــو تڙپـــائي،
تنهنجـــي تـــات طلـــب ۾ ڊولـــڻ خيـــال ســـمورا وکـــري ويـــا.

پهـر پـوئين ۾ ڪـويل ڪـوڪي، ڪوبـه نـه آيـو يـار ”منيـر“،
بـاک ڦٽـي وئـي، رات ڪٽـي وئـي صـبح جـا پاڇـا نسـري ويـا.

نيڻ تنهنجا نازنين نيزا ٿيا خنجر ٿيا،
تير ٿيا، تلوار ٿيا، ڇا ڇا نہ اي دلبر ٿيا.

سوز فرقت، غم الم ۽ رنج حسرت جا اچي،
ڏس دل ناشاد ۾ ڪيئي ڪٽڪ لشڪر ٿيا.

هر گلا بلجي وڃان ٿو، يار تنهنجي روبرو،
ورنہ شڪوه ۽ شڪايت جا هتي دفتر ٿيا.

مون جلايا هر گهڙي هي داغ دل جا اي پرين،
صوفشان ڄڻ آسمان تي ماه ٿيا اختر ٿيا.

پنهنجي هر هڪ لڙڪ ۾ تصوير تنهنجي مون ڏٺي،
هاءِ سي انمول موتي خاڪ ۾ اُبتر ٿيا.

تو بنا هت ڪانہ ٿي منهنجي سري متڙا ”منير“،
زخم سڀ ناسور ٿيا، جيڪي جگر اندر ٿيا.

پرين جي پيار جون ڳالهيون اگر سمجهيون ته مون سمجهيون،
انهيءَ هوشيار جون ڳالهيون اگر سمجهيون ته مون سمجهيون.

سڄڻ خاموش نظرن سان پياريو جام الفت جو،
نگاهه ـــ يار جون ڳالهيون اگر سمجهيون ته مون سمجهيون.

حڪيمن کي خبر ڪهڙي ته درد دل اٿم ڪهڙو.
دل ـــ بيمر جون ڳالهيون اگر سمجهيون ته مون سمجهيون.

شراب عشق جي لذت کي تون زاهد نه ٿو ڄاڻين،
مئه ۽ ميخوار جون ڳالهيون اگر سمجهيون ته مون سمجهيون.

”منير“ آهين نه واقف تون ڪُليءَ گل جي فطرت کان،
هي گل ۽ خار جون ڳالهيون سمجهيون ته مون سمجهيون.

اسان کي وڻي ماهيارن جي دنيا،
اوهان کي وڻي چندبتارن جي دنيا.

سندم گلستان ۾ خزائن جا پهرا،
پڌان تو يلي آ بهارن جي دنيا.

مرڻ کان اڳي پاڻ ماري وجهن تا،
عجب تا چون عشق وارن جي دنيا.

اسان جي جهان ۾ غمن جا وٿاڻا،
ڏسڻ اچ پرين بي سهارن جي دنيا.

” منير“ آس آهي وجي نيت ڏسبي،
متن، مرڪٽن، قربدارن جي دنيا.

اي شوخ نظر اي ماه لقا توکي نه ڪڏهن مجبور ڪبو،
هر بار ستم ڪر مون تي مٿا سڀ جور ۽ جفا منظور ڪبو.

جو يار هيو سو ڌار ٿيو هن نيهن ۾ مون هي ڏينهن ڏٺا.
بس رنج الم قسمت ۾ مليو پوءِ ڪئين پلا سو دور ڪبو.

هي زخم لڪائڻ سان نه لڪن هي داغ لڪائي ڪير سگهي،
هڪوار شهيد ناز ٿيو ۽ توکي پرين مشهور ڪبو.

ميخوار پيا هت دنگ لٽن، پر مونکي نه هڪڙي بوند ملي،
ساقيءَ جي بخيلي يار ڏسي اڄ جام چڪنا چور ڪبو.

لڪبو نه ڪڏهن خلقت کان سچڻ اچبو ته اجل سان سودو ڪري،
توسان پرين جي پيار ڪبو نروار ڪبو، پرپور ڪبو.

محبــوب جـــي مكـــڙي كـــي چتـــائي تـــہ ڏســـان مـــان،
اوســـاٹ هـــي اكـــڙين جـــو اجهـــائي تـــہ ڏســـان مـــان.

ڍولـــڻ جـــي نگـــاهن ســـان، كـــري چـــار نگـــاهون،
بـــس كيـــر ۾ كجـــهہ كنـــدڀ ملائـــي تـــہ ڏســـان مـــان.

ســـرهاڻ ســـندس پيـــار جـــي، ســـر ســـاهہ ۾ ســـانديي،
كـــا هيـــر محبـــت جـــي گهلائـــي تـــہ ڏســـان مـــان.

بيـــدرد ۾ اميـــد اٿـــم اڄ بـــہ جفـــا جـــي،
پـــر وصـــل جـــي هـــك ســـئن لڳـــائي تـــہ ڏســـان مـــان.

غمنـــاك محبـــت جـــو ”منيـــر“ آهـــي فســـانو،
هـــك وار پـــريتم كـــي ٻـــڌائي تـــہ ڏســـان مـــان.

اچ ته ڪيون ڪا روح رهاڻ،
ساجن پنهنجو سڱ سچاڻ.

تاهيان ويٺو ڳايان ويٺو،
گيت غزل سڀ تنهنجي ڪاڻ.

آڳ لڳائي، تن تڙپائي،
توبن چيٽ سندي چانداڻ.

جوڀن تنهنجو چوليون ماري،
ڄڻ ڪا موج ڪئي مهراڻ.

تنهنجي دنيا رنگ رتول،
منهنجي دنيا ۾ مانڌاڻ.

ساه ۾ سانديم يار ”منير.“
تنهنجي پيار سندي سرهاڻ.

پيار جي آسري تي جي ويو،
پيار جي زهر ڏي تہ پي ويو.

تنهنجي آڏو پرين مان ڪجهه ناهيان،
تنهنجي پيرن جي خاڪ ٿي ويو.

بي وفا هن جهان مان آخر ،
سور سڀ پاڻ سان کڻي ويو.

دل جو جّذبو اگر سلامت آهہ،
وقت ج هر ستم سهي ويو.

جوت من جي ”منير“ جرڪائي،
ٻاٿ ۾ لاٿ ٿي ٻري ويو.

ڪارين اکين وارا سائين،
نظرون تنهنجون نيزا سائين.

تنهنجو جوڀن ساوڻ درياهه،
منهنجو جيون صحرا سائين.

جنهن سان هيڪر جيءُ ڪجي ٿي،
تنهن سان ڪهڙا ليکا سائين.

داغ جگر جا چمڪن اهڙا،
باهه ۾ پچرن ٽانڊا سائين.

تو لئه واٽون روز نهارين،
منهنجا نيڻ نراسا سائين.

تنهنجي ياد جو لاش ڪلهن تي،
راهه ۾ روليون ويٺا سائين.

سونهن سڄڻ جي سون سريکي،
جهڙا وڄ وراڪا سائين.

عيب ”منير“ ۾ ڇو ٿو ڳولهين،
تون ۽ مان هڪ جهڙا سائين.

ڪونڌر هر ڪنهن ڪنڌ ڪپايو، ڪنڌ نوايو ناهي،
وقت جي جابر ظالم آڏو پاڻ لڇايو ناهي.

دولهه، هيمون، هوشو، شاهه عنايت، شاهه بلاول“،
سچ تي جو بہ ڪٿو آهي تنهنڪي وقت پلايو ناهي.

چند سڪن تي وقت جي شاعر جابر وٽ هو پاڻ وڪيو،
ظالم ڪي جنهن مومن ڪوٺيو، سنڌ ڇايو ناهي.

پڌ او وقت جا شاعر! صاف سچو ٿي سچل وانگر،
اينڌڙ هڪ طوفان سندو ڪاٿو تو تہ لڳايو ناهي.

سنڌ جي خاطر مرڪي، مرڪي جن آ موت قبوليو،
ڇو تن سرويچن جو ڪيڏارو تو ڳايو ناهي.

سڪٽيون ڊاڙون سڪٽا نعرا ڇو ٿو پاڻ پڏائين،
ديس جي سانگين لاءِ تو ساجن پنڌ پڇايو ناهي.

ڏاريو آخر ڏاريو، ڏاريو تنهنجو رت وهائي،
ڪونڌر ڪيئي ڪسجن توڪي سور سوايو ناهي.

ديس سچل جو درس درازا، مڪو نا ملتان،
سچل جهڙي عارف ڪڏهن ڪوڙ ڪمايو ناهي.

زهر ملائي ماکي ۾ روز پيون ٿا يار ”منير“،
ڏاهپ، ڏنگ سڀي پوءِ پي پڇتايو ناهي.

پاپ نگر جو واسي، ماکي ۾ زهر مائي ويٺو،
جهانگينئڙن جي جهوپن کي هٿ سان باه لڳائي ويٺو.

کوڙ دغا جو پتلو آ ۽ پنهنجن جو هو ويري آ،
هو کيڏو کوجهو آ ته به پاڻ کي مور سڏائي ويٺو.

وستي وستي، واهڻ واهڻ سارا سانگي متجن پيا،
غيرن سان هو گڏ آ ۽ پنهنجا کونڌ کهائي ويٺو.

انصاف ويو بي موت مري، قانون مڙئي بي قانون،
ڏس سرڪش جهڙو شاعر اهڙو نغمو ڳائي ويٺو.

کاري رات کٽي ويندي ۽ نيت ته باک ڦٽي ويندي،
طوفانن ۾ اڄ جو باغي کا لاٽ جلائي ويٺو.

پاپيءَ جي يي پوياڙي پڪ سان ايندي "منير"،
ديس ڏٽين جو دشمن هاٽي هر واٽ وجائي ويٺو.

خوشبو خوشبو تنهنجو مکڙو،
گلشن ۾ چڻ هير جو جهوٽو.

تنهنجو جوپن ڪرڻا ڪرڻا،
منهنجو جيون شام جو ترڪو.

چند ڪي تو شرمائي ساجن،
تنهنجي ڳلڙن جو پاچولو.

ماکي، مصري شاه جي وائي،
اهڙو منٺڙو تنهنجو گفتو.

مون ۾ آهين تون ئي ڊولڻ،
توسان منهنجي روح جو رشتو.

ڏيهه سچو آ نفرت ساڙيو،
ماٺو پٿر، ماٺو شيشو.

کهڙو حال ”منير“ پڇين تو،
پنهنجي مطلب جو هت هرڪو.

جيون پنهنجو چاهي ڍولڻ،
جهٽڪو هڪڙو آهي ڍولڻ.

نفرت جا سڀ ليڪا هر دم،
دل تان ڇڏجن لاهي ڍولڻ.

من جي مندر ۾ هر ويلي ،
درد اچن ٿا ڪاهي ڍولڻ.

سورن سان بس، مرڪي ملجي،
سچ چيو ڪنهن ڏاهي ڍولڻ.

خوشبو ٻڌجي اچ تون مون ڏي،
دل ٿي توکي چاهي ڍولڻ.

تنهنجو داس ”منير“ اڄ پيي آ،
سينو کهڙو ساهي ڍولڻ.

ڪيـــڏا انگـــل آر ڏِتـــا مـــون تنهنجـــي اڪـــڙي آتـــين ۾،
تـــو مـــن موهيـــو منـــڙا منهنجـــو ڪوئـــل جهـــڙين لاتِـــن ۾.

تنهجـــي پيـــار جـــو هـــر هـــڪ منظـــر اڄ پـــي منهنجـــي آڏو آ،
دل ســـان دل جـــو ســـودو ٿيـــو هـــو ســـانوڻ جـــي برســـاتن ۾.

تنهنجـي غـم جـون سـردهوائون منهنجـا ڪيـڏا چـرڪ ڪـدين،
ڊولـــڻ ڏاڍو يـــاد اچـــين تـــو، گهايـــل گهايـــل راتـــين ۾.

تـو جـو مـونکي يـاڪي پـاتي، آنـدهي بڻجـي چـوٽ چڙهيـون،
چوهيـون چوليـون سـاهه ڪـٽڻ جـون ڊول پنهـي جـي چـاتين ۾.

مـاڪي مصـري ڪـان وڌ منـڙا دل جـون تـارون چيـڙي وئـين،
هـاٽي ويٺـو سـوچان ڪيـڏو رس هـو بـره جـي بـاتين ۾.

زندگي جو سفر آ پرين،
روشني جو سفر آ پرين.

چنڊ تي نيٺ پهتو وڃي،
آدمي جو سفت آ پرين.

ھر قدم آھ ٿانڊن مٿان،
ڌرتتيءَ جو سر آپرين.

تنهنجي لئه آس ٽڙپي پئي،
بيڪسيءَ جو سفر آ پرين.

منهنجي هر سوچ شعلا بڻي،
شاعريءَ جو سفر آ پرين.

عڪس تنهنجو اکين ۾ اڙيو،
عاشقيءَ جو سفر آ پرين.

چاپلوسي پلي جهول ۾،
دوستيءَ جو سفر آ پرين.

اڄ تون مون ڏي منهنجا ڍول،
ٻول اچي ڪي مٺڙا ٻول.

برڪا رت ۾ ساجن تنهنجا،
هر دي منجهه اچن ٿا هول.

روز ڪندو هئين جيڪي مونسان،
پاڙ پرين تون پنهنجا قول.

منهنجي دنيا سڏڪا سڏڪا،
تنهنجي دنيا رنگ رتول.

توکي ڳولهن ڪين ٿا ٿڪجن،
منهنجا نيڻ نراسا رول.

آه ”منير“ ڪي درد لوڙيو،
ڏاج ۾ ان جي ڏک ۽ ڏول.

پيار کي ڳولڻ نڪتو آهيان،
چوواٽي تي بيٺو آهيان.

احساسن جي ڪونج ڪسي وئي،
پوءِ بہ اجان جيئرو آهيان.

ڪاٿون ڳوليان جوين جذبا،
پهر پوئين جو پاچو آهيان.

پيار جي خوشبو ساھ ۾ ساندي،
تنهنجي در تي پهتو آهيان.

مون ۾ جهاتي پائي ڏس،
مان تنهنجو آئينو آهيان.

هت جي ريکائن ۾ قسمت ڳولهيان ٿو،
دل جي پيڙائين ۾ قسمت ڳولهيان ٿو.

مون سانديا آهن سو سپنا نيڻن ۾،
تن جي ساپيائن ۾ قسمت ڳولهيان ٿو.

گهرا گهرا گهاوَ لڳا، منهنجي من کي،
پنهنجي کوتائن ۾ قسمت ڳولهيان ٿو.

شايد ڪو چند لهي منهنجي اڱڻ اچي،
جيون آشيائن ۾ قسمت ڳولهيان ٿو.

ڪڏهن مون ساڻ سکن ناتو نه نڀايو،
هاٽي تي خلائين ۾ قسمت ڳولهيان ٿو.

بــي ســـهاري چــڏيئي پـــرين ڇــا ڪيئـــي،
مــونکي مـــاري ڇڏيئـــ پـــرين ڇــا ڪيئـــي.

مـــــون ســــوا هــــي بهـــــار اي ڍولــــڻ،
ڇــو گـــذاري ڇــڏيئي پـــرين ڇــا ڪيئـــي.

تـــون گلابـــن جـــي منـــد ۾ نـــ آئـــين،
وقـــت ٽـــاري ڇڏيئـــ پـــرين ڇــا ڪيئـــي.

يـــــاد آئـــــين امــــــاس راتـــــين ۾،
بـــس وســـاري ڇڏيئـــ پـــرين ڇــا ڪيئـــي.

بـــي رّخـــي ســـان ”منيـــر“ کـــي متـــڙا،
ڇــو ڌڪـــاري ڇڏيئـــ پـــرين ڇــا ڪيئـــي.

جلون جا ڪي چنڊ چمڪائي منهن موڙي وئين،
دل جي ٿر تي مينهن وسائي منهن موڙي وئين.

وئين تون منهنجي ساهن ۾ ڪا سرهاڻ پري،
سپنا منهنجا سڀ مهڪائي منهن موڙي وئين.

تنهنجي غم جا پوتا من ۾ روز ڦٽن ٿا،
نيڻن سان تون نيڻ ملائيمنهن موڙي وئين.

تنهنجي ياد پرين سو ويس مٿائي آئي،
سون سريکو مک پسائي منهن موڙي وئين.

پيار بنا هت ڪير جيئي ٿو يار ”منير“،
منهنجي آس جا ديپ جلائي منهن موڙي وئين.

مــــون ســــان تنهنجـــو اهــــڙو ئـــي رشـــتو هيـــو،
چـــڻ ڪچـــيءَ ڪـــنهن ننـــڊ جـــو ســـپنو هيـــو.

ســــــاهه ڪــــــي ويســـــــاهه ڏاڍو هـــــــو مگـــــــر،
تنهنجــــو وعـــــدو بـــــس رڳـــــو دلبــــو هـــــو.

چنــــڊ جــــو ڪڙيــــو تــــه غــــم نســــرڻ لڳــــو،
رات ســــــــاري درد جـــــــــو حملــــــــو هيــــــــو.

منهنجــــو مــــن ســــرهاڻ ســــان ويــــو واســــجي،
تنهنجــــو خــــط جــــڏهن مــــون وٽ پهتــــو هيــــو.

جــــنهن گهــــڙي وچــــڙين تــــه مــــان تڙپــــي اٿــــيس،
بــــــس قيامـــــــت جـــــــو اهـــــــو لحمـــــــو هيـــــــو.

اڱڻ منهنجي ايندين ته احسان ٿيندو،
هي سرسبز دل جو گلستان ٿيندو.

لٿيئه مرڪ هڪ سان نگر منهنجي دل جو،
وري ڪير تو وٽ مهمان ٿيندو.

ملايو ملايو پلي زهر مئي ۾،
نتايم پيئڻ ڪان ته ارمان ٿيندو.

زمانو هي تنهنجو ۽ تنهنجي خدائي،
پلا ڪير توتان نه قربان ٿيندو.

”منير“ آس دل ۾ اهائي رکي ٿو،
خدا تنهنجو ڏولڻ نگهبان ٿيندو.

جيڪو پي پنهنجن پيارن کان ڇڳو آ،
ڇڻ تہ ڪوئي گل بهارن کان ڇڳو آ.

هو ڏئي ويو هت وڇوڙي جو عذاب،
مونکي هن دل جي قرارن کان ڇڳو آ.

رات هوءَ ڪاري ڪري ماري وڌائون،
انجو ٻالڪ اڄ سهارن کان ڇڳو آ.

ديس سارو آہ اونده ۾ ٻڏي ويو،
چنڊ هو ڳڙهن ستارن کان ڇڳو آ.

درد جي ساگر ۾ تو ترڪي ”منير“ ائين،
ڪو سفينو ڇڻ ڪنارن کان ڇڳو آ.

دوســـــتن جـــــي اثــــــر ۾ رهــــــيس،
شـــــمنن جـــــي نظــــــر ۾ رهــــــيس.

مــــان تــــه ڦرجـــــي ويــــس پيـــــار ۾،
پـــوءِ بــــه ڪيــــڏو ڪثــــر رهــــــيس.

ســـــور ســــــاٿي ڪـــــري پــــــاڻ،
زنـــــدگي جـــــي ســــــفر ۾ رهــــــيس.

جـــــنهن بــــه پاســــي وڌايـــم قـــدم،
تنهنجـــــــي ڏاڍِ ۽ ڏمــــــــر ۾ رهــــــيس.

خيــــال، جـــــذبا ۽ ســــوچون وٺـــــي،
بــــي وفــــا جــــي شـــــهر ۾ رهــــــيس.

مــان تــه ســپ ڪجــهه وڃــائي ”منيــر “،
عشـــــق واري اڪــــــر ۾ رهــــــيس.

سارا سهڻا سارن توکي ريسون کن رابيل،
تو بن چولڻ هتڙي ناهن کنهن سان پيي کي ميل.

سانوڻ آيو پن چڻ آئي، آئي مند بهار،
کين آئين تون سال لنگهي ويا دردن لاتي پيل.

منهنجا جاني منهنجا سهڻا وهلو ور تون هاڻ،
ماري نيندا کين ڇڏيندا سور سوايا سيل.

برکا رت جي باک ڦٽيءَ جو مون کان وچڙي ڍول،
توکي ساري هنجون هاريان قسمت جا هي کيل.

جيون جي هن رڻ پٽ ۾ بس تنهنجو آٿت آهه،
هيکل ساجن کهڙا ٿيندا توبن تيل ڦليل.

پٽ تي ڏس هوءَ ڪاري پئي آ،
پيءُ اڳيان چڻ ڏاري پئي آ.

هن تہ ڏني آ جيون پيتا،
رستي تي رت هاري پئي آ.

ڇا جا ناتا، ڇا جا رشتا،
رشتن ۾ بيماري پئي آ.

گولي ٽڙڪو، بم جو ڌڙڪو،
باهہ هتي ڪا ٻري پئي آ.

ڪاتي تہ وڃي هنڌ ڪنداسون،
ڪوڙ خدائي، ساري پئي آ.

ننڊ اُڏاڻي، پيار وساڻو،
عشق ۾ ڪيڏي گهاري آ.

درد ڪان جند ڪئين ڇڏايان،
ڳاتي ۾ جا ڳاري پئي آ.

روهہ لتاڙي ساجن ڪارڻ،
پيار پساري ناري پئي آ.

توتي جڏهن شباب آيو هو،
عاشقن تي عذاب آيو هو.

تو نهاريو پيار مان مون ڏي،
وقت سو لا جواب آيو هو.

زندگي جي اماس راتين ۾،
ياد هو بي حساب آيو هو.

سور ۾ پور سو ڪٽي مون وٽ،
تنهنجي خط جو جواب آيو هو.

منهنجي دل جي اڱڻ تي چمڪڻ لئه،
من سندو ماهتاب آيو هو.

اٿلي پئي ياد پراڻي،
نيڻن منجهه اچي ويو پاڻي.

وقت ويل ٿي ساري هاڻي،
دلڙي ڪيڏي يار اياڻي.

روئندي ڪلندي توکي سڻايم،
پنهنجي ساري درد ڪهاڻي.

سورن پاري آڳ اندر ۾،
ڪين اجا سا آهي وساڻي.

تنهنجي مون سان اهڙي ياراڻي هئي،
راندڪائي ڇڻ ته ٻاراڻي هئي.

جنهن ڦٽايا گهر سموري ڳوٺ جا،
سا فتوءَ جي حاجاڻي هئي.

سونهن ساندي ساهه ۾ محبوب جي،
پيار جي مون تند ڪا تاڻي هئي.

ٻاءُ ڏئي الزام ماريو ٻين ڪي،
نينگري مس هاڻ ساماڻي هئي.

مير الفت جي زماني ۾ گهلايو چو نہ ٿا.
لاٽ ڪائي پيار جي يارو جلايو چو نہ ٿا.

باھ نفرت جي وڪوڙيو، ملڪ ساري جو وجود،
دوستو، هي سنڌڙي پنهنجي بچايو چو نہ ٿا.

چو پيا خاموش نظرن سان تماشو ٿا ڏسو،
امن جي ويري سندي هستي مٽايو چو نہ ٿا.

ڏيهہ سارو ٻاٽ اونداهي ۾ گم آ ٿي ويو،
پڙڪي پڙڪي ڪو وڏو ڀنڀٽ مچايو چو نہ ٿا.

چوطرف هُو موت جو راڪاس ٿو ڦرندو رهي،
سنڌ هن تي امن جا بادل، وسايو چو نہ ٿا.

ڪيترا ڪونڌر ڪسن، ڪوئي ڪڇي ئي ڪو نہ ٿو،
هوشو ٻڌجي ظلم سان نظرون ملايون چو نہ ٿا.

ڪين گهرجي خوف واري هي حياتي اي ”منير“،
ڍنگ جيئڻ جو پيا ڪولي ٻڌايو چو نہ ٿا

# وايون

داڻـــو تولئـــے دام بڻيـــو آ،
جيـــون تـــوتي پـــاري ڙي.
جيـــون تـــوتي پـــاري ڙي.

پجـــري ۾ تـــون پنجـــي ويهـــي،
ڪيـــڏي عمـــر گـــذاري ڙي.
جيـــون تـــوتي پـــاري ڙي.

ســـوچ پڪـــي تـــون ســـوچ ســـويرو،
دوســـت نـــے تنهنجـــو مـــاري ڙي.
جيـــون تـــوتي پـــاري ڙي.

نگـــري نگـــري چـــار پکيـــڙي،
بـــاه اهـــا ڪـــنهن ٻـــاري ڙي.
جيـــون تـــوتي پـــاري ڙي.

تـــو جـــو آهـــي واٿ وجـــائي،
ڪـــو نـــے ڏســـي ڪـــو چـــاري ڙي.
جيـــون تـــوتي پـــاري ڙي.

نيـــت تـــے ٿينـــدو صـــبح ســـويرو،
وينـــدي رات انـــڌاري ڙي،

جيون توتي ياري ڙي.
ويڙهيچا شل وهسن الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن.

مارون ملڪ ملير ۾،
مان قابو هت ڪوٽن الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن.

پوليون پاپاڻن جون،
هردي منجهه هرن، الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن.

سانديم ڏادي ساهه ۾،
سالوئي لاکيڻين، الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن.

ٿاريچن جي ٿاڪ تي،
ٿيون ڪنوڻيون روز ڪلن، الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن.

جن لئه هنجون هاريان،
سي مارون شال، الو ميان!
ويڙهيچا شل وهسن.

پنهنجي ملڪ "منير" ساڻ،
چاريان چانگ وجي چيلن، الو ميان،
ويڙهيچا شل وهسن.

ڳيرو تنهنجو جوين جرڪي،
مرڪي تنهنجي ماءُ،
مرڪي تنهنجي ماءُ.

تو نے اجان ڪو پنڌ پڇايو،
پير لٿي ٿو واءُ،
مرڪي تنهنجي ماءُ.

هاڻي ڪان ئي ساجن ڪر تون،
سورن سان سرچاءُ،
مرڪي تنهنجي ماءُ.

ويري هر دم تاڙ ۾ تنهنجي،
دشمن هڻندءِ داءُ،
مرڪي تنهنجي ماءُ.

دودو جوڌو ٻڄجي تون،
ڏاڍن ۾ ڌهڪاءُ،
مرڪي تنهنجي ماءُ.

تنهنجي يار ”منير“ ٻڌان مان،
پولارن ۾ پڙلاءُ،
مرڪي تنهنجي ماءُ.

واهڻ ، واهڻ، يل،
واهڻ ، واهڻ، ويل،
الو ميان! مارو هيل نہ سندا.

گولي سوا کا ٻولي نہ ڄاڻن،
رت وهائن ٿا ڏاڙيل،
الو ميان! مارو هيل نہ سندا.

ڏاريا ويٺا مالڪ ٻڌجي،
ڀاڙين لاٿي ڪيڏي ڀيل.
الو ميان !مارو هيل نہ سندا.

ڳاٽ اچي ٿا ڳيرو ڪسن،
ٿا ڀرجن ٽاٽاءِ جيل،
الو ميان! مارو هيل نہ سندا.

واءُ وري ڪو سک جو هيڪر،
هر هند ٿڙن ڪي رابيل،
الو ميان! مارو هيل نہ سندا.
الو ميان! مارو هيل نہ سندا.

ڏرتي روئي رت ڦڙا،
ڏاڍن کان ٿا ڏنب ملن،
سانگي سي ڪئين سڪ سمهن.

ڪوڙ هتي ڪهرام ڪري
سچ متان ٿيون گوليون وسن،
سانگي سي ڪئين سڪ سمهن.

داد نه ڪو فرياد هتي،
هيٺان ڪهڙي واٽ وڃن،
سانگي سي ڪئين سڪ سمهن.

هي ڏرتي منهنجي ڏرتي،
ڏس پاڙيا ويٺا پيلن،
سانگي ڪئين سڪ سمهن.

نيٺ ته ظالم ڏوڙ ٿي ويندو،
چاڻ ٿا هن جا ڏينهن ڪٿن،
سانگي سي ڪئين سڪ سمهن.

ماٽ مان ڪيسين رهان،
سور مان ڪيڏا سهان،
عمر هيءَ ٿوري لڳي.

منهنجي من جو آسرو تون،
تو سوا مان ڪجھ نہ هان،
عمر هيءَ ٿوري لڳي.

رت گلابن جي آئي،
تنهنجو اوسيئڙو اجان،
عمر هيءَ ٿوري لڳي.

گهاوَ دل جا ڪيئن پربا،
تنهنجي ئي درشن بنا،
عمر هيءِ ٿوري لڳي.
عمر هيءَ ٿوري لڳي.

ڳالهه هيءَ ڳوري لڳي،
تنهنجي لئه ٿوري لڳي.
سوچ منهنجي حال تي.

نند نيڻن مان ڪٽي وئين.
صاف ٿي چوري لڳي.
سوچ منهنجي حال تي.

سوچ جي صحرا ۾ ڀٽڪڻ،
منهنجي ڪمزوري لڳي.
سوچ منهنجي حال تي.

نيڻ انجا چو نه برسن،
تنهنجي جنهن جهوري لڳي.
سوچ منهنجي حال تي.

پيار توکان دل گهري ٿي،
ڪيتري پوري لڳي.
سوچ منهنجي حال تي.

گوري تنهنجي گهگهريءَ مان،
سرخ ڳلن جي نگريءَ مان.
جوڀن تنهنجو جرڪي ٿو.

ڳل گلابي تنهنجا هن،
لال لبن جي سرخي مان.
جوڀن تنهنجو جرڪي ٿو.

زلف هٽائي مکڙي تان،
چنڊ تڪيو چڻ ڪڪري مان.
جوڀن تنهنجو جرڪي ٿو.

سورج□ڪرڻا گهور وجهن،
توڪي تاڙن ڪڙڪيءَ مان.
جوڀن تنهنجو جرڪي ٿو.

گهونگهٽ ٿاهين جنهن جو تون،
پرت پريل تنهن پوتي مان.
جوڀن تنهنجو جرڪي ٿو.

منهنجو روئڻ ۽ ڪلڻ،
تنهنجو پرچڻ ۽ رسڻ.
تنهنجي وس ۾ آ پرين.

خواب اکڙين ۾ سجايم،
مون ڏي سپنن ۾ اچڻ.
تنهنجي وس ۾ آ پرين.

مان ڦٽل باغ آهيان،
مون تي برڪا ٿي وسڻ.
تنهنجي وس ۾ آ پرين.

ڏينهن سارو تنهنجو الڪو،
شام ڪان اڳ ۾ ملڻ.
تنهنجي وس ۾ آ پرين.

تو سوا جيون رڃ سمجهان،
دل جي هن ٿر تي وسڻ،
تنهنجي وس ۾ آ پرين.
تنهنجي وس ۾ آ پرين.

چـــاه جـــي چانـــداڻ ۾،
ســـونهن جـــي ســـرهاڻ ۾.
منهنجـو مـن مهڪـي پيـو.

ڪيـــڏو آ تـــاثير ڏولـــڻ،
تنهنجـــي اک جـــي پـــاڻ ۾،
منهنجـو مـن مهڪـي پيـو.

تـــون وســـارڻ ســـان نـــہ وســـرين،
دل جـــي ان مانـــڏاڻ ۾.
منهنجـو مـن مهڪـي پيـو.

چنـــڊ چـــوڏس تـــون لڳـــين تـــي،
تنهنجـــي ئـــي واڪـــاڻ ۾،
منهنجـو مـن مهڪـي پيـو.

وس ڪـــيم توســـان ملـــڻ جـــا،
بـــس انهـــيءَ چڪتـــاڻ ۾.
منهنجـو مـن مهڪـي پيـو.

مان ساريو ويٺو ساريان،
ڄوڳي ويئڙا جوءِ ڇڏي،
ڄوڳي ويئڙا جوءِ ڇڏي.

ماڳ پسي تن مٽن جا،
مان هنجون هردم هاريان،
ڄوڳي ويئڙا جوءِ ڇڏي.

ڄوڳي ڪنهن جا مٽ نه يار،
پوءِ به محبت مچ ٻاريان،
ڄوڳي ويئڙا جوءِ ڇڏي.

ساري سامئڙن ڪي،
مان ويٺو واٽ نهاريان،
ڄوڳي ويئڙا جوءِ ڇڏي.

# قطعو

ميخوار پيا هتي دنگ لتن پر مونکي نه هڪڙي بوند ملي،
ساقي جي بخيلي يار ڏسي، اڄ جام کي چڪناچور ڪيو،
لڪبو نه ڪڏهن خلقت کان سچڻ اچبو ته اجل سان سودو ڪري،
توسان جي پرين پيار ڪبو نروار ڪبو پرپور ڪبو.

# چوسٽا

زندگي حادثو ٿا چون دوستو،
موت هڪ مرحلو ٿا چون دوستو،
راهه ۾ راهزن ٿي لٽي قافلو،
تنهن کي اڄ پرجلو ٿا چون دوستو.

رات ڪٽي تون نه آئين،
باک ڦٽي تون نه آئين،
دل جي دنيا ساري،
درد لٽي تون نه آئين.

# دوها

راهه نهاريان، قارون پايان هر هر تنهنجي ڪاڻ،
واپس ور تون منهنجا ساجن، پنهنجو سڱ سڃاڻ،

آءُ پرين تون هاڻي مند گلن جي موٽي آهه،
چونه اچين ٿو شايد تنهنجي دل ڪٺي آهه.

چنڊ اهو ئي ساڳيو آ ۽ ساڳيو نيل گگن،
رات لتاڙي نڪري اچ تون مون ڏي منهنجا من.

# پنجڪڙو

زنـــدگي ۾ ڪيترائـــي مـــرحلا طئـــي ٿـــا ڪجـــن،
درد ۽ پيـــڙا ســـندا ڪـــي سلســـلا طئـــي ٿـــا ڪجـــن،
زنـــدگي شـــامت بڻجـــي وينـــدي آهـــي دوســـتو،
زنـــدگي ۾ ڪـــوڙ ســـارا مفاصـــلا طئـــي ٿـــا ڪجـــن.

# گيت

درد ڀـــري سنســـــار مـــــان ســـــائين ڏيـــــنهن ڪٽـــــائي ويندا‌ســـــين،
ڏيـــــنهن ڪٽـــــائي ويندا‌ســـــين، واڳ ورائـــــي ويندا‌ســـــين.
واڳ ورائـــــــــي ويندا‌ســـــــــين.

دل جـــا جـــذبا ميـــڙي ســـيڙي، پيـــار جـــي خوشـــبو نيـــٽ پڪيـــڙي،
ڪـــنهن جـــي مـــن جـــو مـــوتي ٻڌجـــي، جـــوت جڳـــائي ويندا‌ســـين.
واڳ ورائـــــــــي ويندا‌ســـــــــين.

چـــارڻ ٻڌجـــي چنـــگ وڄـــائي، نگـــري نگـــري ســـئن لڳـــائي،
پيجـــل وانگـــر ڪـــنهن جـــي ســـر جـــي ســـئن لڳـــائي ويندا‌ســـين.
واڳ ورائـــــــــي ويندا‌ســـــــــين.

ســـور ســـمورو دل ڳـــو ســـلبو، ڪينڪـــي اڳ ۾ واپـــس وربـــو،
يـــار ”منيـــر“ ســـان گوشـــي گـــڏجي قـــرب ڪمـــائي ويندا‌ســـين.
واڳ ورائـــــــــي ويندا‌ســـــــــين.

# نظم

شجاعت سان بهادر پنهنجي قسمت خود بنائن ٿا،
ارادن سان ۽ قوت سان نئين دنيا وسائن ٿا.
اچي آڏو زمانو تن، مڙن ٿا ڪين سي مانجهي،
وڏي اڳتي مجاهد سي زماني کي جهڪائين ٿا.
نہ ڪنهن باطل سندو ڊڙڪو، ٿو ڊيڄاري سگهي تن کي،
ٿيا منصور کان وڌ سي، سوريءَ کي سيج پائن ٿا.
رهي زنده اهي بزدل، ڪندا ڇا زماني ۾،
ذري پر کان ڊڄي، جيڪي قدم پٺتي هٽائن ٿا.
ٻڌائڻ زندگي جي لئہ عمل ۽ ارڊو گهرجي،
ٿيا دشمن وطن جا سي، عمل کان ڪيٻائين ٿا.
”منير“ اڄ وقت آهي سنڌ کي گلشن بنائڻ جو،
وطن لئہ سر ڏين جيڪي، خدا وٽ مان پائن ٿا.

# ترائيل

منهنجي من مندر ۾ آيا پيارا ماڻهو،
ماکي جهڙن مرڪن سان من پرڀايو جن.
منهنجا منڙا ڪارين اکڙين وارا ماڻهو،
منهنجي من مندر ۾ آيا پيارا ماڻهو.

ڪي ماڻهو مجبور ۽ ويچارا ماڻهو،
سوز ۽ سڪ ۾ دل جو سودو هارايو جن.
منهنجي من مندر ۾ آيا پيارا ماڻهو،
منهنجا منڙا ڪارين اکڙين وارا ماڻهو.

## پورو ٿيو.

تنهنجو اوسئيڙو اچان

1 مئي 2006